

(گل - ٢٩)

## مدراسي ڀڄن منڊلي

## ٽينڊولڪر ڪٽنب، ڪئپٽن هاٽي

١٩١٦ع ۾ هڪ مدراسي ڀڄن منڊلي، ڪاشي جي تيرٿ ياترا تي نڪتي، جنهن ۾ هڪ مرد، سندس استريءَ ڌيءَ ۽ سالي، ڪل چار ڄڻا هئا. واٽ تي ٻڌائون ته احمدنگر جي ڪوپر گانؤ تعلقي ۾ شرڊيءَ ڳوٺ ۾ سائين بابا نالي هڪ مهاتما رهي ٿو، جو ڏاڍو دیالو ۽ پهچ وارو شخص آهي. اهڙو ته اُدار دل آهي جو هر روز پنهنجن ڀڳتن ۾ روپيا وراهيندو آهي. جيڪڏهن ڪو به ڪلاڪار اُتي وڃي پنهنجي ڪلا ڏيکاريندو آهي ته اُن کي چڱو ئي انعام ملندو آهي.

باباجن وٽ هر روز چڱي پيٽا اچي ڪٺي ٿيندي هئي، جنهن مان هڪ روپيو ڀڳت ڪوٽداجي جي ٽن سالن واري ڪنيا "اماڻيءَ"کي، ڪن کي ٻن کان پنجن روپين تائين، جهالي ڀڳت کي ڇهه روپيا، اماڻيءَ جي ماءُ کي ڏهن کان ويهن تائين، ڪڏهن موج ۾ اچي پنجاه روپيا پڻ، ٻين ڀڳتن کي ڏيندا هئا. اهو ٻڌي مٿين ڀڄن منڊلي به اچي شرڊيءَ ۾ نڪاءُ ڪيو.



چاوري

باباجن ۾ رام جو رُوپ ڏٺي ڏسڻ ۾ ايندو هو ؛ ڏينهن گذرندا ويا.

هڪ ڏينهن سندس پتنيءَ هڪ عجيب سپنو ڏٺو، ”پوليس واري مونکي هڪ وڏي شهر ۾ گرفتار ڪري، ٽوڙي چيلهه ۾ ٻڌي، وڃي جيل خاني ۾ رکيو آهي. اُتي ڏٺائين تہ باباجن منهنجي ڪوٺيءَ جي ٻاهران سامهون اچي بيٺو آهي. مون دروازي وٽ وڃي باباجن کي روئي پڪار ڪئي؟“

مان - ”اوهان جي ڪيرتي ٻڌي، اوهان جي چرڻن ۾ آيــو آهيان، پوءِ مون تــي هيءَ آپدا وري ڇو آئي آهي؟“

بابا - ”توکي پنهنجن ڪيل ڪرمن جو ڦل ضرور ڀوڳڻو پوندو.“

مان - ”هن جنم ۾ تہ مون اهڙو پاپ ڪرم ڪيو ڪونهي، جو مونکي قيد ڀوڳڻو پوي.“

بابا - گذريل جنم ۾ تــو ضرور اهڙو پـــاپ ڪـــرم ڪيو هوندو.“

مان - ”مونکي گذريل جنم جي ڪرمن جي ڪا بہ ياد ڪيري ڪانهي. پر جيڪڏهن ڪٿي ڪيو بہ هجيم تہ اوهان وٽ رهي، پڇن ڪرڻ ڪري، اُهو پاپ ڪرم، ڀسم ٿي وڃڻ گهرجي.“

بابا - ”توکي اِهو دِرڍ وشواس آهي؟“

مان - ”ها. بلڪل پڪو وشواس اٿم.“

بابا - تہ ”چڱو پلا اڪيون بند ڪر.“ اڪيون پوري لي مون ڪنهن شيء ڪري جو ٺڪاءُ ٻڌو تہ اکيون کلي پيم ۽ ڏٺم تہ مان گوٺيءَ کان ٻاهر بيٺو آهيان. پوليس وارو پٺ تي ڪريو آهي ۽ سندس سريو مان رت پيو وهي. مان هن ڏانهن ڏسي وچان نهارڻ لڳس.

بابا - ها، اڃا تنهنجي چڱي طرح خبر ورتي ويندي. پوليس آفيسر توکي هميشہ وري گرفتار ڪندا.

مان - اوهان ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ اوهي واهي ڪونہ اٿم. ڀڳوان ڪرپا ڪري مونکي ڪنهن طرح بچايو.

بابا - چڱو وري اکيون منٽ بند ڪري وري کول. ڏٺم تہ ٻيهر آزاد ٿيو آهيان. باباجن منهنجي ويجهو ڪڙا آهن. مان سندن چرنن تي ڪري پيس.

بابا - هاڻي مونکي ٻڌاءِ تہ جيڪو نمسڪار تو هميشہ ڪيو آهي، اُن جي ۽ هن کان اڳي ڪيل نمسڪارن جي وچ ڪو فرق آهي يا نہ؟ سچي دل سان جواب ڏي.

مان - گذريل نمسڪارن ۽ اڄوڪي نمسڪار ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. اڳي مان فقط ڌن ملڻ جي لالچ تي نمسڪار ڪندو هوس پر اڄ مان اوهان کي ايشور روپ سمجهي نمسڪار ڪري رهيو آهيان. اڳي منهنجو

خيال هو تہ اوهان مسلمان فقير کي نمسڪار ڪري، ڪري، اسان هندن جو ڌرم پوشت ٿي رهيو آهي.

بابا - ڇا، تنهنجو مسلمان پيرن ۾ وشواس ناهي؟ (مون ڪنڌ ڌوڻي نہ ڪئي). تہ پوءِ تنهنجي گهر ۾ "پنجو" ڇو رکيو آهي؟ تون تابوت جي پوڄا ڪونہ ڪندو آهين؟ تنهنجي گهر ۾ اڄ بہ هڪ "ڪاربيبي" نالي واري ديوي ناهي، جنهن کان اوهين شادي ڪرڻ مهل دعا اچي پنندا آهيو؟

ماں - اوهين برابر چئي رهيا آهيو.

بابا - هاڻي ان کان وڌيڪ توکي ڪهڙي ثابتي کپي؟

مان - (دل ۾) پنهنجي گوروءَ شري رامداس جو درشن ڪيم.

بابا - پنيان ٿهار. يڪدم ڏٺم تہ شري رامداس منهنجي سامهون کڙو آهي. جنهن تي مان کيس پيرن پوڻ لڳس تہ هو اَنترڌيان ٿي ويو.

مان - باباجي، اوهين تہ ٻڍا پيا لڳو. اوهان جي عمر ڪيتري آهي؟

بابا - مان ٻڍو ٿو لڳان؟ مون سان پلا ڊوڙ پچاءِ.

ائين چئي بابا ڊوڙ پائي تہ مان بہ سندس پنيان ڊوڙيس بابا جي ڊوڙڻ ڪري جيڪا ڌوڙ اُڏائي، اُن ۾ باباجن پيڪجي ويو ۽ منهنجي اَک کلي پيئي. ڏٺم تہ پنهنجي بستري تي سمهيو پيو آهيان! سپنو ياد

ڪري ڪنهن تي ويچار ڪرڻ لڳو. سندس من جي ورتيءَ ۾ خيالن ۾ اهڙو ڦيرو اچي ويو جو بابا جي مهانتا سمجهڻ لڳو. سندس لوڀي سڀاءُ غائب ٿي ويو ۽ اندر ۾ باباجن لاءِ سچي ڀڳتي اڀرڻ لڳي.

ٻئي ڏينهن جڏهن سڀ ماڻهو مسجد ۾ آرتيءَ لاءِ ڪٺا ٿيا، تڏهن باباجن سڀني واري لئين ڀڳت ڪي بن روپين جي مناٽيءَ ۽ روپيا روڪڙا ڏٺي، ڪيس آسيس ڪئي. ڪجهه ڏينهن بعد موڪلائڻ وقت باباجن ڪيس چيو ته ”الله تمهي آذڪ ديگا اور آب سي ڀلا هي ڪريگا.“ بابا وٽان هن ڪي ڏن گهڻو ڪين مليو ليڪن سندس ڪرپا اهڙي پراپت ٿيس، جو سندس ڪلياڻ ٿيو. وات تي ڪيس چڱو ٿي ڏن مليو ۽ سندس ياترا سڦل ٿي ۽ بنا ڪنهن ڪشت جي، پنهنجي گهر اچي واپس پهتو. اُن ڪانپوءِ بابا جي وچنن، ڪرپا ۽ آشيرواد جو آنند حياتيءَ ڀر ياد ڪندا رهيا.

”شيوڪ ڪٺ نڪئي هوءِ دکاوئي،
جو جو ڪهئي نا ڪر شيوڪ، تتڪال هوءِ آوئي.“

ڏوروائي.

## باندرا ۾ رهندڙ هڪ ڏيندڙ ڪنب،

باباجن جو اهڙو تــ بورن ڀڳت هو، جو گهر واري ساوتري ٻائي، شري سائين ڀڄن مالا پستڪ لکيو،

جنهن ۾ آٺ سؤ (٨٠٠) اَينگس ۽ پدن ۾ باباڄن جي ليلائن جو مڌر ذڪر ڪيل آهي. اُنهن جو پٽ ڊاڪٽري امتحان ڏيڻ لاءِ ڏينهن رات پڙهي رهيو هو. هن جوتشين کي جنم پتريون ڏيکاريون پر سڀني چيس ته هن سال ڇوڪري جا گره سٺا ناهن، اِنڪري امتحان ۾ هيٺو نه ويهي. ٻئي سال امتحان ۾ ڪيس سڦلتا پراپت ٿيندي. پيءُ اهو ٻڌي ڏاڍو دلگير ٿيو.

ٿورن ڏينهن بعد، ڇوڪري جي ماءُ شرڊيءَ ۾ وڃي باباڄن جو درشن ڪيو ۽ پٽ جي باري ۾ ٻڌايو ته جوتشي چون ٿا ته هن سال پريکيا ۾ نه ويهي. باباڄن کيس چيو ته "تون پٽ کي چؤ ته مون تي وشواس رکي، ايباس چالو رکي پريکيا ۾ ضرور ويهي. جوتشين جي چوڻ ۽ جنم ڪنڊلين تي ڌيان ئي نه ڏئي. مان توکي خاطري ٿو ڏيان ته تنهنجو پٽ ڊاڪٽري امتحان ۾ ضرور پاس ٿيندو." باباڄن جي ڏني ۽ خاطري ملڻ تي ڇوڪرو امتحان ۾ ويٺو ۽ سڀني پيپرن ۾ سٺو ڪري آيو، ته به من ۾ ڪنڪو رهيس، اِنڪري زباني پريکيا ڏيڻ جو خيال لاهي ڇڏيو.

پريکشڪ (امتحان وٺندڙ) هڪ وديارٿيءَ هٿان، ڇوڪري کي چوائي موڪليو ته لکڻ جي پريکيا ۾ تون پاس آهين تنهنڪري توکي زباني پريکيا ۾ ضرور وهڻ گهرجي. اُنهيءَ همٿ ڏياريندڙ نياپي تي، هو پريکيا ۾

وينو ۽ پاس ٿيو ۽ جوتشين جي اڳڪٿي غلط ثابت ٿي. باباجن جي دعا سان، ڳوھ جو زور ٽٽي ويو.

مٿين ڇوڪري جو پيءُ ھڪ وديشي ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ڪندو ھو پر ٻرڻ ھئڻ ڪري پنھنجو ڪم ڦڙتائيءَ سان ڪري ڪين سگھندو ھو ۽ چاھيائين تہ موڪل وٺي ڪجھ ڏينھن آرام ڪريان. ليڪن آرام ڪرڻ بعد بہ سوڄ ۽ ڪمزوري رھيس. ڪمپنيءَ جي پرڏان مئنيجر سندس سچائي ۽ محنت جو قدر ڪري پينشن يا بونس ڏيئي کيس رٽائر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. کيس پگھار ڏيڍ سؤ (۱۵۰) ماھوار ملندو ھو. قاعدي موجب کيس پينشن حد ۾ حد پنجھتر روپيا در مھني ملڻي ھئي پر اُن مان ھن جي ڪٽنب جي پالنا لاءِ بلڪل گھٽ ھئي، ان ڪري کيس ڏاڍي چنتا ھئي تہ رٽائر ڪرڻ کانپوءِ گھر جو گاڏو ڪيئن ھلندو.

پينشن جي فيصلي ٿيڻ کان (۱۵) ڏينھن اڳ، شريمتي ليمعد لڪرڪي سيٺي ۾ باباجن درشن ڏيئي چيو تہ ـــ "منھنجي مرضي آھي تہ توکي ھڪ سؤ روپيا در ماھو ملن. اُن مان پُورائي ڪري سگھندين؟" ماتا جواب ڏنو تہ "مون داسيءَ کي تہ اوھانجي چرڻن جو ئي سھارو آھي." ليڪن باباجن جي پرلوڪا سان، مکيہ مئنيجر، ھن جي پينشن (۱۱۰) سؤ ڏھ روپيا منظور ڪئي. مطلب تہ ـــ

سچي گورو جو سچي شش جا اهڙو سنبنڌ رهي ٿو.

”ستگور سک ڪي ڪرئي پرتپال-
شيوڪ ڪئه گور سدا ديال.“
(گورواڻي)

**بيڪانير جو ڪٽيڻن هاڻي** باباجن جو پرم شيوڪ هو هڪ ڀيري سپني ۾ هسن ڪان. باباجن پڇيو ته ”تو مونکي ڇو وساري ڇڏيو آهي؟“ هن باباجن جا چرڻ پڪڙي جواب ڏنو ته ”باباجي، بالڪ ماءُ کي وساري وهڻ سان جيئرو رهي سگهندو؟“ اِئين چئي يڪدم اُٿيو ۽ باغ مان ”بالپيڙي“ ڦل چني، ٿالهيءَ ۾ سيڌو ۽ دڪشڻا رکي، بابا جي اڳيان آڻي پيتا رکيائين ته سڌس اُڪ کاي پيٺي ۽ سمجهيائين ته سپنو لڌو اُٿم. پوءِ ته به جيڪي شيوڻ سپني ۾ ڏنيون هئائين، سي باباجن کي شوڊيءَ ۾ موڪلڻ جو نشچيه ڪيائين.

ڪن ڏينهن ڪانپوءِ گواليار ۾ آيو ۽ اُتان هڪ دوست کي (١٢) بارهن روپيه مني آرڊر ڪري چني لکي موڪليائين ته اِن روپين جو سيڌو ۽ بالپيڙي ڦل وٺي، ڏهه روپيه دڪشڻا طور، منهنجي طرفان باباجن کي ڀيٽ ڪجِ. چني ملڻ تي هن جي متر سيڌو ورلو پر، بالپيڙي ڦل ملي ڪين سگهيس. هن نوڪر ڇوڏاري ٻوڙيا پر سڀ موٽي آيا ڇي بزار ۾ آهن ئي ڪين.

ٿوري وقت بعد، هڪ مائي، بالپڙن سان ڀريل ٽوڪري سندس گهر جي سامهون آيندي ڏسي هوُ عجب ۾ ۽ خوش به ٿيو. هن کان اهي ورتي ۽ ڀيو سيڌو سامان کڻي، باباجن جي اڳيان رکي چيائين ته ”هيءَ پينا ڪئپٽن هاڻي ڏني آهي. باباجن حڪم ڪيو ته اڄ انهيءَ سيڌي سامان مان. ٻي ڀوڄن تيار ڪرايو وڃي، جو سيني کاڌو. سيٺي حيران ٿي ويا، جڏهن ڏٺائون ته باباجن رڳو بالپڙيون ٿي کاڌيون ۽ ٻين شين کي هٿ به ڪين لاتائـــون. جڏهن اِها خبر ڪئپٽن هاڻي کي خط رستي ملي ته هوُ ڏاڍ گد ٿي ويو ۽ خوشيءَ وچان بابا جا گيت ڳائڻ لڳو.

ٿيين وارتا بعد ڪئپٽن هاڻي کي ويچار آيو ته اهڙي مها پرش جي پوتر هٿن سان سپرش ڪيل رپيو، پنهنجي گهر ۾ ضرور آڻي رکڻ گهرجي ته هڪ دوست اَچانڪ گڏجي ويس، جنهن چيس ته مان شرڊيءَ وڃي رهيو آهيان. ڪئپٽن هن جي هٿان هڪ رپيو موڪليو، جنهن شرڊيءَ پهچي، باباجن کي پتا پوکيه پرڻام ڪري، دڪشڻا پيٽ ڪئي، جا باباجن يڪدم کڻي، پنهنجي کيسي ۾ وڌي! پوءِ هن وري ڪئپٽن هاڻي وارو ڏنل رپيو پڻ ارپڻ ڪيو، جو باباجن هٿ ۾ کڻي، جاچڻ لڳا. رپئي تي لڳل مورت تي نهاري، پنهنجي آڱوٺي تي رکي، اُن کي ڪٿڪايائون ۽ وري هٿ ۾ رکي اُن تي درشٽي

ڪنا ڪري، باباڄن اڳيان پيش ڪيا ته باباڄن وري چيو ته ”ڏن سڪي جو ملهه ته پنجاهه روپين ڪان ٻه مٿي آهي. شاما، هي سڪو پنهنجي خزاني ۾ جمع ڪري، پنهنجي ديوتا جي مندر ۾ رکي، هن جي هرروز پوڄا ڪندو رهجي.“ ساري سنگت مان ڪنهن کي ٻه سوال پڇڻ جي همت نه ٿي ته ”اوهان هي نئون طريقو ڇو اختيار ڪيو آهي؟“ سنتن جي گت سنت ئي ڄاڻن.

”ڪبير سرجڻهار ڪي، ڄاڻي نــاهي ڪوءِ،
ڪئي ڄاڻي آپ ڌڻي، ڪئي داس دواني هوءِ.“

يعني مولا جي خبر سندس مؤلائي فقير ئا ڄاڻن گورواڻي.
ٻين کي ڪا مجال ناهي.